# اميراهلسنت کان نالو رکڻ
# بابت سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَ الله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)**

رسالي جو نالو: اميراهلسنت ڪان نالو رکڻ بابت سوال جواب

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# اميراهلسنت کان نالورکڻ بابت سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**
**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

اميراهلسنت کان نالورکڻ بابت سوال جواب ............................ 1
درود شريف جي فضيلت .............................................. 1
رسول اللّٰه صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي غلام جي شان(حڪايت) .................... 3

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# اميراهلسنت ڪان نالو رکڻ بابت سوال جواب

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هيئن چيو: ”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ“ (ترجمو: اي الله! حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي رحمت نازل فرماءِ ۽ کين قيامت جي ڏينهن پنهنجي بارگاهه ۾ مقرّب مقام يعني قرب واري جاءِ عطا فرما.) اُن جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي.

(معجم کبير ، رويفع بن ثابت الانصاری ، 5 / 25 ، حديث: 4480)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**سوال:** هر شخص پنهنجي اولاد جو چڱو ۽ منفرد نالو رکڻ چاهي ٿو، اُن جي لاءِ ڪهڙو طريقو اختيار ڪيو وڃي.؟

**جواب:** اڳي جي دور جا ماڻهو مسجد جي امام صاحبن ۽ علماءِ ڪرام جي بارگاهه ۾ حاضر ٿئي پنهنجي اولاد جي لاءِ نالو پڇندا هئا، جڏهن تہ اڄڪلهه ماڻهن انٽرنيٽ کي پنهنجو ”پير، رهنما ۽ بابا“ بڻائي ورتو آهي، انهي کري هاڻي سڀ ڪجهه ”نيٽ بابا“ کان پڇيو ويندو آهي. دعوتِ اسلامي کان پهريان جي ڳالهه آهي، (اُن وقت) منهنجي ايتري شهرت ڪا نہ هئي، پر ڏاڙهي جڏهن کان آئي هئي، رکيل هئي، اُن دور ۾ عام طور تي نوجوان ڏاڙهي کو نہ رکندا هئا، وڏي عُمر وارا رکن تہ رکن. بهرحال! کارادر جي هڪ مسجد جنهن جو نالو ”بسم الله مسجد“ هو،

اُن جي ويجهو مون کي هڪ ٻار مليو ۽ اُن چيو: ”مولانا صاحب! اسان جي گهر ۾ ٻار پيدا ٿيو آهي، اُن جي لاءِ نالو ٻڌايو.“ مان اُن مسجد جو امام نہ هيس، پر ٻار منهنجو مولانا وارو حليو ڏسي مون کان ٻار جي لاءِ نالو پڇيو. تہ اهو پهريان جو انداز هو. اَڄڪلهہ انٽرنيٽ موبائل فون ٿئي ۾ موجود آهي، انهيءَ مان ڏسي نالو رکيو ويندو آهي ۽ انٽرنيٽ تي جيڪي نالا ڏنل هوندا آهن اُن مان گهڻن جي اهائي معنيٰ لکيل هوندي آهي: ”جنتي گل يا جنتي محل.“ جيڪڏهن انٽرنيٽ کي رهنما بڻائيندؤ تہ پٽڪي ويندؤ، عاشقانِ رسول کي رهنما بڻايو! هن ۾ فائدو آهي. دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”نالو رکڻ جا احڪام“ ۾ ٻارن ۽ ٻارڙين جا ڪافي نالا ڏنل آهن، اُتان ڏسي نالو رکيو وڃي، يا چاهيو تہ اُن مان ڪجهہ نالن جي چونڊ ڪيو ۽ پوءِ علماءِ ڪرام کان مشورو ڪيو تہ هي ڪجهہ نالا اسان ڪڍيا آهن، هنن مان ڪو نالو اوهان چونڊيو. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، قسط:96)

سوال: جيڪڏهن ڪو چئي: ”غلام رسول“ نالو رکڻ جائز ناهي ڇو تہ اسان رسول جا امتي آهيون، ڇا ايئن چوڻ جائز آهي؟

جواب: ”غلام رسول“ نالو رکڻ جائز آهي. آقا ۽ غلام جو دور گهڻو پراڻو آهي پهريان جي دور ۾ غلام وڪرو ٿيندا هئا ۽ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دور ۾ بہ وڪرو ٿيندا هئا، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري کان بعد بہ وڪامندا رهيا ۽ قرآنِ ڪريم ۾ بہ غلامن جو ذڪر آهي، هن کان علاوه بہ ڪيئي جڳهن تي غلام ۽ ٻانهين جو ذڪر ملي ٿو. بهرحال اهو ڪيئن ممڪن آهي جو ڪو شخص عام انسان جو تہ غلام هجي پر مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو غلام نہ ٿئي سگهي.

## رسول الله ﷺ جي غلام جي شان (حڪايت)

حضرت سيدُنا سفينه رضی اللہ عنہ صحابي رسول آهن، هڪ ڀيرو پنهنجي قافلي کان وڇڙي جهنگل ۾ اڪيلا رهجي ويا ۽ پنهنجي ساٿين کي تلاش ڪرڻ لڳا ته اچانڪ اُنهن جي سامهون شينهن اچي ويو، سندن کي شينهن کان ڊپ ٿئي ها پر شينهن پاڻ نبي پاڪ ﷺ جي اُن غلام کي ڏسي ڪنبڻ لڳو! حضرت سفينه رضی اللہ عنہ شينهن کي مخاطب ٿي چيو: يَا اَبَا الْحَارِثِ اَنَا مَوْلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ يعني اي ابو الحارث تو کي خبر آهي مان ڪير آهيان؟ مان رسول الله جو غلام آهيان." اَبُو الحارِث شينهن جي ڪنيت آهي اُن جي اها ڳالهه ٻُڌي شينهن پڇ هِلائيندي هليو ويو، اهو هن جي طرفان اشارو هيو ته توهان منهنجي پويان پويان هلو، پاڻ اُن جي پٺيان هلڻ لڳا ته اُن سندن کي وڇڙيل ساٿين سان ملائي ڇڏيو. (مصنف عبد الرزاق ، 10/ 233، حديث: 20711) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، قسط:97)

اُن کے جو غُلام ہو گئے     خَلق کے اِمام ہو گئے

**سوال:** ڪنيت جو مطلب ڇا آهي؟

**جواب:** اصل نالي کان علاوه اهو نالو جنهن کان پهريان اَبُو، ابن، اُمّ يا بنت وغيره لڳايو وڃي اُن کي"ڪنيت" چيو ويندو آهي. (التعريفات للجرجانی، ص136) جيئن ابن هشام، اُمِّ هاني، بنتِ حوّا. ڪنيت ڪڏهن پيءُ جي نسبت سان رکي ويندي آهي ڪڏهن پٽ يا ڌيءَ جي نسبت سان رکي ويندي آهي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، قسط:97)

**سوال:** "ڪاشان" ۾ "بسم الله" نالو رکڻ ڪيئن؟

جواب: ”ڪاشان“ نالو رکڻ صحيح آهي. ايئن ئي ٻارڙين جو نالو ”ڪاشانہ“ رکيو ويندو آهي. ان ۾ بہ حرج ناهي، البتہ نالو رکڻ ۾ اها ڳالھ سامهون هئڻ گهرجي تہ ٻارن جا نالا انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ جي نالن تي ۽ ٻارڙين جا نالا صحابيات ۽ وليّات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ جي نالن تي رکيا وڃن تہ جيئن انهن جون برڪتون نصيب ٿين. رهي ڳالھ ”بسم الله“ نالو رکڻ جي تہ ڪجھ ماڻهو ٻارڙين جو نالو ”بسم الله“ رکندا آهن جنهن جي معنيٰ آهي: ”الله پاڪ جي نالي سان شروع“ بظاهر هن نالي رکڻ ۾ ڪو بہ حرج معلوم نٿو ٿئي. مسجدن جو نالو بہ تہ ”بسم الله“ رکيو ويندو آهي جيئن ڪراچي جي علائقي کارادر ۾ ”بسم الله“ مسجد مشهور آهي. نالن جي متعلق قاعدو اِهو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن نالي جي معنيٰ مخصوص هجي تہ هاڻي اُن کي رکڻ منع ٿيندو آهي جيئن ”سُبّحان“ جي معنيٰ آهي: ”هر عيب کان پاڪ ذات“ چو تہ اِهو وصف الله پاڪ جي لاءِ خاص آهي تنهنڪري ماڻهو جو نالو ”سُبّحان“ رکڻ منع آهي جڏهن تہ ”عَبْدُالسُّبْحان“ نالو رکي سگهون ٿا. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 159/1)

سوال: ڇا ڪنهن ٻارڙيءَ جو نالو ”شڪريہ“ رکي سگهون ٿا؟

جواب: ”شڪريہ“ نالو رکڻ ۾ حرج تہ ناهي پر اُن نالي جي ڪا فضيلت بہ ناهي بلڪ ٿئي سگهي ٿو تہ اِهو نالو رکڻ تي ماڻهو مذاق اڏائن ۽ جڏهن اها ٻارڙي وڏي ٿيندي تہ ممڪن آهي هن نالي جي ڪري اُن کي پريشاني جو منهن ڏسڻو پئي. اهڙي نالي رکڻ جي بدران بهتر اهو آهي تہ ٻارڙن جا نالا نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ ۽ ٻارڙين جا نالا صحابيات ۽ وليّات رَضِيَ اللهُ عَنْهُنَّ جي نالن تي رکيا وڃن. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 147/1)

سوال: ماڻهو نالا بگاڙيندا آهن ان جو ڇا سبب آهي؟ ان کان ڪيئن بچجي؟

جواب: نالو ايترو مشڪل رکيو ويندو آهي جو اِهو ماڻهن جي زبان تي چڙهندو ئي ناهي پوءِ ايئن ماڻهو نالو بگاڙي ڇا جو ڇا ڪري وجهندا آهن. تنهنڪري نالي کي بگڙڻ کان بچائڻ جي لاءِ آسان نالو رکڻ گهرجي جيڪو آساني سان ماڻهن جي زبان تي چڙهي سگهي. جيڪڏهن برڪت جي لاءِ ڪو نالو رکيو آهي ۽ اهو مشڪل آهي ته اُن سان گڏ عام سڏڻ جي لاءِ ڪو آسان نالو به رکيو وڃي مثال طور عبد الرزاق نهايت پيارو نالو آهي، جيڪڏهن برڪت جي لاءِ اهو نالو رکيو ته لکڻ پڙهڻ جي لاءِ اُن کي استعمال ڪيو پر گڏوگڏ ڪو آسان نالو به رکي ڇڏيو جيڪو عام ماڻهوءَ جي زبان تي آساني سان چڙهي. نالي رکڻ جي متعلق وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي 179 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نالو رکڻ جا احڪام“ جو مطالعو ڪيو. هي نهايت پيارو ڪتاب آهي، هن ۾ سوين اِسلامي نالن سا گڏوگڏ نالي رکڻ جا مسئلا به لکيل آهن. هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪيو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ (www.dawateIslami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري فائدو حاصل ڪيو. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 76/2)

سوال: ڇا ٻارڙي جو نالو صحابيہ رکڻ جائز آهي؟

جواب: اڄڪلهہ منفرد نالو رکڻ جو وڏو جذبو آهي. ايسيتائين جو جيڪڏهن هڪ پٽ جو نالو ادريس هجي ۽ ٻئي جو نالو ڪو ٻڌائي تہ ابليس رکي ڇڏيو تہ شايد اڻ پڙهيل قسم جا ماڻهو هي نالو رکي ڇڏين. منفرد نالي جي شوق ۾ انهن کي سمجهہ ۾ ئي ناهي ايندو تہ ابليس

ڪنهن ڪي چئبو آهي؟ حالانڪ ابليس شيطان کي چئبو آهي ۽ هي نالو ڪو سمجهدار رکندو به ناهي. انهيءَ طرح پيا به عجيب ۽ غريب ماڻهو نالا رکندا آهن. بهرحال صحابيہ نالو رکڻ جي بدران ڪنهن صحابيہ جي نالي تي نالو رکو مثلاً عائشہ صحابيہ جو نالو آهي، فاطمہ صحابيہ جو نالو آهي ۽ حضرت فاطمہ کي هي نسبت بہ حاصل آهي تہ هي سرڪار جون شهزاديون آهن. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 178/2)

سوال: ڇا انسان تي نالن جا اثر مرتب ٿيندا آهن؟

جواب: جي ها! انسان تي نالن جا اثر مرتب ٿيندا آهن.
(فيض القدير، 522/3، تحت الحديث: 3745، ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 222/2)

سوال: هي حقيقت آهي تہ نالن جا اثر مرتب ٿين ٿا، چڱي نالن جون برڪتون ملنديون آهن ۽ بُري نالن جون خرابيون بہ سامهون اينديون آهن پر نالن جي هلڪي ۽ ڳري هئڻ جي ڇا حقيقت آهي؟

جواب: ماڻهن ۾ نالن جي هلڪي ۽ ڳري هئڻ جو تاثر ملي ٿو ايسيتائين جو ڪنهن مون کان خصوصي مدني مذاڪري ۾ هن حوالي سان سوال بہ ڪيو هو ۽ اهو ٻڌايو هو تہ انهن جي ڪنهن سڃاڻ واري جو نالو ڪربلا وارن جي نالي تي هو تہ اُن کي ڪنهن فقير چيو تہ ڪربلا وارا تہ تمام وڏيون هستيون آهن ۽ توهان هن قابل ناهيو جو انهن جي نالي تي نالو رکو تنهنڪري توهان هي نالو مَٽائي ڇڏيو ڇو تہ اهو نالو تمام ڳرو آهي. مون سوال ڪرڻ واري کي سمجهائيندي چيو: جيڪڏهن ڪربلا وارن جي نالن جون برڪتون نہ ملنديون تہ پوءِ ڪهڙن ماڻهن جي نالي جون برڪتون ملنديون؟ نالو ڳرو آهي انهيءَ ڪري اُن کي بدليو وڃي تہ نالو مَٽائڻ جو اهو سبب منهنجي سمجهہ ۾ نٿو اچي. جيڪڏهن هن نيت سان پنهنجي ٻارن جا نالا صحابہ ڪرام ۽ اولياءِ عظام رضی اللہ عنھم

جي نالن تي رکو ته برڪت حاصل ٿيندي ته اِن شاءَ اللّٰه اُنهن جون برڪتون ملنديون. ياد رکو! بُرا نالا بُرو قل آڻيندا. بُرا نالا رکڻ سان نقصان ٿيندو آهي ۽ انهن جي ڪري ٻارن جا اخلاق بُرا ٿي سگهن ٿا پر اڄ ڪلھ ماڻهو منفرد (Unique) نالي جي لالچ ۾ پنهنجي ٻارن جا عجيب ۽ غريب نالا رکي رهيا هوندا آهن. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 223/2)

سوال: اوهان پنهنجي رسالي ”ضياءِ درود و سلام“ جو نالو ”ضياءِ درود سلام“ ڇو رکيو؟

جواب: ضيا جي معنيٰ روشني آهي ته ايئن ”ضياءِ درود و سلام“ جي معنيٰ ٿئي ”درود و سلام جي روشني“ مون سيّدي قطبِ مدينه مولانا ضياءُ الدين احمد مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نسبت سان هن رسالي جو نالو ”ضياءِ درود و سلام“ رکيو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نالي جو هڪ حصو رسالي ۾ اچي. ايئن ”ضياءِ درود وسلام“ نالو رکڻ ۾ ٻہ فائدا حاصل ٿيا هڪ اِهو ته اللّٰه پاڪ جي نيڪ ٻانهي ۽ وَلِيُّ اللّٰه جي نسبت حاصل ٿئي ۽ ٻيو اِهو ته هن جي معنيٰ ”درود ۽ سلام جي روشني“ بہ بلڪل صحيح آهي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 499/2)

سوال: ڪنهن جي گهر ۾ ٻار پيدا ٿيو ۽ اُن قاري صاحب کي ڇيو ته اهڙو نالو ٻڌايو جيڪو هن محلي يا شهر ۾ ڪنهن نہ رکيو هجي، جواب ۾ انهن ڇيو ته فرعون يا نمرودُ نالو رکو! ايئن چوڻ ڪيئن.

جواب: انهن ايئن ٽوڪ ڪرڻ جي لاءِ يا مذاق ۾ ڇيو هوندو ته فرعون يا نمرودُ نالو ئي ٿئي سگهي ٿو جيڪو ڪنهن نہ رکيو هجي. هن طرح جو جواب ڏيڻ ۾ ممڪن آهي ته سامهون واري جي دل آزاري ٿي وڃي، هن صورت ۾ معافي گهرڻي پوندي. اهڙي طرح جو جواب نہ ڏيڻ گهرجي،

چو تہ جيڪڏهن سنجيده انداز ۾ اهڙو جواب ڏنو تہ پروسو ناهي تہ ڪو وجي اهو نالو رکي بہ سگهي ٿو. بهرحال! منفرد (Unique) نالي رکڻ جي بدران انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم يا ٻين بُزرگانِ دين رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡهِمۡ جي نالن تي نالو رکڻ گهرجي، اهڙي طرح پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالن، جيئن محمد، احمد يا ٻين صفاتي نالن مان ڪو نالو رکڻ گهرجي، چو تہ اهي نالا برڪت وارا هوندا آهن. جيڪڏهن منفرد نالو رکڻو ئي آهي تہ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهُم جي نالن ۾ بہ ڪيئي نالا اهڙا هوندا آهن جيڪي مشهور ناهن هوندا، جيئن ”ذُوالكِفۡل ۽ يُوشَع“ (تفسير روح البيان، پاره 23، تحت الآية: 48، 47/8، تفسير خازن، پ6، سورة المائدة، تحت الآية:26، 483/1) هي نبين سڳورن عَلَيهِمُ السَّلَام جا نالا آهن، پر مشهور ناهن. اهڙا نالا ڪتابن مان ڪڍي رکيا ويندا آهن. مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”نالو رکڻ جا احڪام“ ۾ بہ سوين نالا موجود آهن، اُن مان ڳولهي ڪو نالو رکيو وڃي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، قسط:60)

سوال: اڪثر ماڻهو پنهنجي ٻارن جو نالو عبد الجبار ۽ عبد الرحمٰن رکندا آهن ۽ پوءِ انهن کي اڪثر رحمان ۽ جبار چئي سڏيندا آهن تہ اهڙا نالا رکي ايئن سڏڻ ڪيئن آهي؟

جواب: جنهن جو نالو عبد جي اضافت سان رکيو وڃي اُن کي عبد سان پڪاريو وڃي. الله پاڪ جا ڪجھ نالا اهڙا آهن جيڪي بنا عبد جي نتا رکي سگهجن ۽ نہ ئي پڪاري ٿا سگهجن. مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”نالو رکڻ جا احڪام“ جي صفحي نمبر 15 تي آهي: عبد الله ۽ عبد الرحمٰن پلوڙ نالا آهن پر هن زماني ۾ اهو اڪثر ڏنو وڃي ٿو تہ عبد الرحمٰن جي بدران هن شخص کي سيئي ماڻهو رحمٰن پڪاريندا آهن ۽ غيرِ خدا کي رحمٰن چوڻ حرام آهي. انهيءَ طرح عبد

الخالق کي خالق[1] ۽ عبدُالمَعبُود کي معبود چوندا آهن اهڙي قسم جي نالن ۾ اهڙي ناجائز ترميم هرگز نہ ڪئي وڃي. انهيءَ طرح تمام گهڻو نالن ۾ تصغير جو رواج آهي يعني نالي کي اهڙي طرح بگاڙيندا آهن جنهن مان حقارت نڪرندي آهي ۽ اهڙي نالن ۾ تصغير هرگز نہ ڪئي وڃي. تنهنڪري جتي اهو گمان هجي تہ نالن ۾ تصغير ڪئي ويندي اتي اِهي نالا نہ رکيا وڃن بيا نالا رکيا وڃن. ( بهارِ شريعت، 3/ 356، حصہ:15، نام رکھنے کے احکام، ص16-51) تصغير مان مراد گهٽائڻ ۽ ننڍو ڪرڻ آهي جيئن روپئي کي روپَلّي چيو ويندو آهي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، قسط:61) (۽ جيئن سنڌي ٻولي ۾ جهوني کي جهونڙو ۽ پولي کي پولڙو چيو ويندو آهي.)

سوال: ”فاتحه ايمان“ نالو رکڻ ڪيئن آهي؟

جواب: فاتحه جو لفظ شايد سوره فاتحہ مان ورتو هوندو. ۽ اُن سان گڏ لفظ ”ايمان“ کي جوڙي ورتو هوندو، هي عجيب ۽ غريب ۽ نامناسب نالو آهي. مڪتبة المدينہ جو ڪتاب ”نالو رکڻ جا احڪام“ حاصل ڪيو ۽ ان مان ڪو سنو نالو ڪڍي وٺو. اهو ڪتاب هر گهر ۾ هئڻ گهرجي تہ جيئن جڏهن بہ ڪا ولادت ٿئي تہ ڪتاب مان نالو ڪڍيو وڃي. (اميراهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَه جي پرسان وينل مفتي صاحب جن فرمايو:) ”فاتحه ايمان“ جو ترجمو بڻجندو ايمان جي فاتحہ. بهرحال هن نالي جون جيڪي بہ معنائون وٺندا اهي ايمان سان گڏ بهتر نہ لڳنديون. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، قسط:75)

[1]... اسان جي زماني ۾ هي بلا تمام گهڻي عام آهي جو عبد الرحمٰن کي رحمٰن ۽ عبد الخالق کي خالق ۽ عبدالقدير کي قدير وغيره چئي پڪاريندا آهن اهو حرام آهي، هن کان بچڻ لازمي آهي. (صراط الجنان، پاره9، سورة الاعراف، تحت الآية: 180، 3/381)

سوال: حَياتُ الله نالو رکڻ ڪيئن آهي؟ (سوشل ميڊيا جي ذريعي ٿيندڙ سُوال)

جواب: جائز آهي. (هن جي معنيٰ آهي: الله جو زنده ڪيل.)
(ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:62)

سوال: ٻار جو نالو ”محمد حطيم“ رکي سگهجي ٿو؟

جواب: (ان موقع تي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي پرسان وينل مفتي صاحب جن فرمايو:) حطيم جي معنيٰ لفظِ ”محمد“سان مناسب نٿي لڳي، ان ڪري جو سال جي شروعات ۾ جيڪو سڪل گاهه ٿيندو آهي ان کي ۽ ملبي (يعني ڊٺل جاءِ جي ڍير) کي به حطيم چئبو آهي ۽ لفظِ ”حَطَمَ“ عام طور تي ٽوڙڻ جي معنيٰ ۾ اِستعمال ٿيندو آهي. (هن تي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن اِرشاد فرمايو:) لفظِ محمد لڳائڻ بغير ”حطيم“ نالو رکڻ ۾ حرج نه آهي. هڪ صحابي جو به نالو حطيم آهي ۽ ڪعبي شريف جي چوڏاري هڪ حصي کي به حطيم چيو ويندو آهي، بلڪ ”حطيم“ خود ڪعبي شريف ئي جو هڪ حصو آهي، ڪعبي جي تعمير دوران خرچ جي ڪمي جي ڪري ان حصي کي ڇڏيو ويو هو. (بخاري، 1/ 533، حديث:1584) تہ ايئن اُهي به نسبتون ٿي ويون، لهٰذا نسبت مان بَرڪت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ حطيم نالو رکي سگهون ٿا، پر ان سان گڏ لفظِ محمد ملائڻ مناسب نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن ”محمد حطيم“ نالو رکيو تہ اسان ان کي ناجائز ۽ نالو رکڻ واري کي گنهگار نہ چونداسين، البت لفظِ محمد انهي نالي سان لڳي سگهجي ٿو جيڪو سندن شان جي لائق هجي جيئن حَسَن وغيره. ”حَسَن“ جي تصغير يعني ”حُسَين“ سان به لفظِ ”محمد“ لڳائڻ مناسب نہ آهي پر اسان وٽ

لڳائڻ جو عُرف آهي ايستائين جو عالم سڳورا پڻ لڳائن ٿا. بهرحال جيڪڏهن ڪنهن حَسَن جي تصغير سان بہ لفظِ ”محمد“ لڳايو تہ اهو گنهگار ناهي پر منهنجو اهو جواب فتاويٰ رَضويہ شريف ۽ سرڪار مفتي اعظم هند رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جي اِرشادات جي روشني ۾ آهي.

(جہانِ مفتی اعظم ہند، ص 452،ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، قسط:87)

سوال: محمد نالي جون ڪهڙيون بَرڪتون آهن؟

جواب: سبحانَ الله محمد نالي جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! الله پاڪ اِرشاد فرمايو: منهنجي عزت ۽ جَلال جو قسم! جنهن جو نالو توهان جي نالي تي هوندو (يعني محمد يا اَحمد هوندو) تہ مان ان کي عذاب نہ ڏيندس. (المواهب اللدنيه، 301/2) پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن جو نالو اَحمد يا محمد هجي اهو دوزخ ۾ نہ ويندو.

(مسند فردوس، 503/2، حديث: 8515، ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:83)

جو چاہتے ہو کہ ہو سردِ آتشِ دوزخ　　　دِلوں پر نقش محمد کا نام کر لینا

سوال: ٻارڙيءَ جو نالو ”عَجوَہ“ رکڻ ڪيئن آهي؟

جواب: ”عَجْوَہ“ مديني پاڪ بلڪ دُنيا جي سڀ کان اَعليٰ کجور آهي، هن نسبت سان نالو رکڻ ۾ ڪو حَرَج نہ آهي.

(ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:102)

سوال: محرم الحرام ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار جو مُحَرَّمُ الْحَرَام جي نسبت سان ڪو سٺو نالو ٻڌايو.

جواب : مون اڄ ڏينهن تائين ڪنهن کي بُرو نالو ٻڌايو ئي ناهي . اَلحمدُ لله! منهنجي اها عادت آهي تہ مان چڱي کان چڱو نالو ٻڌايان، ڇوتہ جڏهن مان ڪنهن جي بُرائي چاهيان ئي نٿو تہ ان کي بُرو نالو

جو ڏيندس؟ گهڻو ڪري ايئن ٿيندو آهي جو اَلحمدُ لله مان چوڪري جو نالو محمد رکندو آهيان يا ڪڏهن احمد رکندو آهيان ڇوته هن ٻنهي نالن جون وڏيون فضيلتون آهن ۽ جيڪو تعظيم ۽ بَرڪت جي لاءِ اهو نالو رکي ته نالو رکڻ واري جي لاءِ بخشش جي بشارت آهي. (کنز العمال ، جزء 16 ، 8 / 175 ، حديث: 45215 ماخوذاً) اهڙي طرح پڪارڻ جي لاءِ به مان چڱو ئي نالو ڏيندو آهيان. چاهي مُحَرَّمُ الْحَرَام هجي يا بقر عيد هجي يا رَمَضانُ المبارڪ هجي، منهنجي طرفان چڱو ئي نالو ڏنو ويندو آهي ۽ هن لحاظ سان مُحَرَّمُ الْحَرَام جي ڪا خصوصيت نه آهي جو مان مُحَرَّمُ الْحَرَام ۾ ته چڱو نالو ڏيان ۽ باقي مهينن ۾ بُرو. ٻارن جو نالو سنو رکڻ گهرجي ڇو ته سنو نالو چڱي فال ۽ چڱي نشاني آهي ۽ جنهن جو چڱو نالو رکيو ويندو ان سان اِن شاءَ الله چڱائي ٿيندي پر اڄڪلهه ماڻهو مَعاذَ الله فلمي ايڪٽرن، ڪرڪٽرن ۽ فنڪارن جي نالي تي ٻارن جو نالو رکڻ پسند ڪن ٿا. اهڙي طرح ماڻهو Unique (منفرد) نالو رکڻ جي به پرپور ڪوشش ڪن ٿا ۽ جهڙو به Unique (منفرد) نالو سامهون آيو رکي ڇڏين ٿا، جڏهن ته ايئن نه ٿيڻ گهرجي، ٻارن جا نالا اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام، صحابي سڳورن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُمۡ ۽ اَولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي نالن تي رکيا وڃن. اڄڪلهه ماڻهو يٰسين ۽ طٰه نالو رکن ٿا، هن طرح جي نالو رکڻ جي به اِجازت نه آهي ڇو ته اهي حروفِ مُقَطَّعات آهن جن جي معنيٰ الله پاڪ ڄاڻي ٿو ۽ ان جي ٻڌائڻ سان ان جا پيارا حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻن ٿا، اسان کي ان جي معنيٰ معلوم نه آهي، ان ڪري اهو نالو نٿا رکي سگهون، ها غلام يٰسين ۽ غلام طٰه نالو

رکي سگھجي ٿو.

باقي رهيو اِهو تہ مان مُحَرَّمُ الحَرَام جي نسبت سان کو سنو نالو ٻڌايان تہ ان جي لاءِ نالو پڇڻ واري جو تنظيمي ذِمَّيدار هئڻ ۽ مَدَني فيس ڏيڻ ضَروري آهي. جيکڏهن مان بنا کنهن شرط جي نالو ڏيندس تہ ايترا ماڻهو نالا پڇندا جو سنڀالڻ ڏکيو ٿي ويندو. پهريان مون وٽ نالو وٺڻ جي لاءِ مکمل لسٽون اينديون هيون ۽ ايئن ماڻهو مون کي نہ کائڻ ڏيندا هئا نہ پيئڻ، پوءِ مون نالو ڏيڻ جي لاءِ پابنديون لڳايون تہ جيکڏهن تنظيمي ذِميداريون هجن تہ نالو پڇن، نہ تہ نہ، ۽ اهو شرط لڳايو تہ مون کان نالو وٺڻ جي لاءِ گهٽ مان گهٽ ذيلي حلقي جو نگران هئڻ ضَروري آهي. هاڻي بہ نالو وٺڻ جي لاءِ مون کي چيو ويندو آهي تہ نالو ٻڌايو ڇو تہ نالو پڇڻ وارو ديني ڪم گهڻو ڪري ٿو، توڙي جو ان جي گهر جا سمورا ڀاتي بي نمازي هجن ۽ حقيقت ۾ هو بَداَخلاقين جو مجموعو هجي پر نالو وٺڻ جي لاءِ ان کي فضيلتن جو مجموعو بڻايو ويندو آهي.

دعوتِ اِسلامي جي مکتبة المدينہ هڪ ڪتاب بنام ”نالو رکڻ جا اَحکام“ ڇاپيو آهي، هن ڪتاب ۾ سوين بلڪ هزارين نالا ڏنا ويا آهن، تنهنڪري هن مان نالا چونڊي رکي سگهجن ٿا. پڻ هن ڪتاب ۾ نالن سان گڏ ضَروري مسئلا ۽ جن نالن کي رکڻ منع آهي انهن جي نشاندهي بہ ڪئي وئي آهي. اهو ڪتاب هر گهر جي ضرورت آهي ڇو تہ عام طور تي سيني وٽ بار پيدا ٿيندا آهن. هن ڪتاب ۾ نالن سان گڏوگڏ انهن جي معنيٰ بہ لکي وئي آهي، پنهنجي نالن جي معنيٰ بہ ڏسي سگهجي ٿي. اهو صرف مفيد ناهي بلڪ هڪ

مفيد ترين ڪتاب آهي تنهنڪري هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري پنهنجي گهرن ۾ ضرور رکيو وڃي. (ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:127)

سوال: ٻارڙي جو نالو " وَالنَّاس " رکڻ ڪيئن آهي ؟

جواب: ”وَالنَّاس“ نالو رکڻ جائز آهي ڇو تہ هن جي معنيٰ بُري نہ آهي. ”وَالنَّاس“ جي معنيٰ آهي ”۽ اِنسان“ جيڪڏهن ڪنهن شرارت ڪندي خَنَّاس چوڻ شروع ڪيو تہ والناس جي معنيٰ خبر هئڻ جي صورت ۾ جهيڙو ٿي پوندو، نہ تہ اهو سمجهندا تہ خَنَّاس نالو بہ سنو آهي ۽ هن طرح ڪنهن ڪان ٻڌي ڪو خَنَّاس نالو رکي بہ ڇڏي تہ هن ۾ تعجب نہ ٿيندو. ”وَالنَّاس“ توڙي جو قرآنِ پاڪ جو لفظ ضَرور آهي پر جيڪو لفظ قرآنِ پاڪ ۾ آيو اهو ئي نالو رکيو وڃي اهو ضَروري ناهي ڇو تہ قرآنِ پاڪ ۾ تہ ابليس، فرعون ۽ شيطان جو لفظ بہ آيو آهي. ٻارڙين جا نالا پاڪ ٻيبين، صحابي سڳورين، وَلِيات سڳورين ۽ جيڪي بزرگ خواتين رَضِيَ اللّٰهُ عَنهُنَّ گذريون آهن انهن جي نالن تي رکڻ سنو آهي. (ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:127)

سوال: شهنشاه ۽ بادشاه نالو رکڻ ڪيئن؟

جواب: پاڻ پنهنجو نالو تڪبر ۽ وڏائي جي نيت سان شهنشاه يا بادشاه رکڻ منع آهي. (مرآة المناجيح، 30/5 ماخوذاً) جيڪڏهن تڪبر جي نيت نہ آهي جيئن تہ ماڻهن جي معنيٰ تي نظر ناهي هوندي ۽ اهڙو نالو رکي ڇڏيندا آهن تہ پوءِ اها ممانعت نہ رهندي. البت بچڻ هاڻي بہ بهتر آهي ڇو تہ هن ۾ پنهنجي وڏائي يعني پاڻ پڏائڻ جو اثر نظر اچي رهيو آهي. موجوده دور ۾ پنهنجي وڏائي وارا نالا ايتري قدر

گهڻا آهن جو تقريباً هر ٻيو نالو پنهنجي ساراهه واري معنىٰ تي مشتمل هوندو آهي مثال طور ڪجهه ماڻهو شهزاد يا شهزادو نالو رکندا آهن جنهن جي معنىٰ آهي: بادشاهه جو پٽ، هاڻي ڀيءُ ڪٽي قرضن ۾ ورتل هجي پر پٽ جو نالو شهزاد آهي. ڪن ماڻهن جو نالو عَابِد هوندو آهي جنهن جي معنىٰ آهي: عبادت گذار، هاڻي هو چاهي جمعي جي نماز به نه پڙهندو هجي پر نالو عَابِد آهي. زاهد نالو رکندا آهن جنهن جي معنىٰ آهي: دُنيا کان بي رَغبت، هاڻي هو پورو دُنيا دار آهي پر زاهد سڏرائيندو آهي. (ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:129)

سوال: شهنشاهه ۽ بادشاهه ۽ هن طرح جا ٻيا وڏائي وارا لقب بزرگ سڳورن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِمْ سان ڳنڍ ڇو لڳايا ويندا آهن؟

جواب: جيڪڏهن ماڻهو ڪنهن کي شهنشاهه يا بادشاهه چون ته هن ۾ حرج ناهي جيئن ته ڪجهه بزرگ سڳورن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِمْ کي هن طرح جا لقب ماڻهن جي طرفان ڏنا ويا آهن، مثال طور شهنشاهِ سُخَن مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه، امامِ عالي مقام امام حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جا شهزادا جيڪي ڪربلا ۾ بيماري سبب جنگ ۾ حصو نه وٺي سگهيا هئا ۽ ڪربلا جي واقعي کان بعد عرصي تائين ظاهري حيات سان زنده رهيا. انهن جا لقب ”سَجَّاد“ يعني تمام گهڻو سجدو ڪندڙ ۽ ”زَينُ الْعَابِدِين“ يعني عبادت گذارن جي زينت (سينگار) آهن. جيئن ته پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تمام گهڻو نفل نماز پڙهندا هئا، ان ڪري ماڻهن اهي لقب ڪين ڏنا، نه ته پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو اصل نالو ”عَلي اَوْسَط“ آهي. پُراڻي ڪتابن ۾ به ”عَلي بِن حُسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا“ جي نالي سندن نالو ملندو. بهرحال ڪين سَجَّاد ۽ زَينُ الْعَابِدِين چوڻ بلڪل

دُرُست آهي. عام ماڻهن جو اهو نالو رکيو ويندو آهي ته ان ۾ وڏائي هوندي آهي. پنج وقت جي نماز ته نثو پڙهي ۽ سڏرائي رهيو آهي: ”سَجَّاد“ يعني تمام گهڻا سجدا ڪندڙ، جمعي جي نماز تائين نثو پڙهي ۽ نالو آهي: ”زَينُ الْعَابِدِين“ يعني عبادت گذارن جي زينت. ”غلام زَينُ الْعَابِدِين“ نالو رکجي ته اهو درست آهي پر زَينُ الْعَابِدِين نالو رکڻ ۾ وڏائي لڳي رهي آهي. وڌيڪ بهتر اهو آهي ته برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ بزرگن جي نالن تي نالا رکيا وڃن. جيڪڏهن ڪو پاڻ کي سَجَّاد، شهزاد ۽ شهزادو وغيره چورائي ٿو ته ان ڪان اتڪي پوڻ مناسب نہ آهي. ڪجھ ماڻهو پنهنجي پٽ جو تعارف شهزادو يا صاحبزادو چئي ڪرائيندا آهن، گناه هن ۾ بہ نہ آهي پر وڏائي ڪان بچڻ جي لاءِ بهتر آهي ته نہ چيو وڃي. مان ته پنهنجي پٽ کي غريب زادو چوندو آهيان يعني غريب جو پٽ.

(ملفوظاتِ امیرِ اهلِ سنت، قسط:129)

سوال: ”محمد اَذان“، ”محمد سبحان“ ۽ ”محمد صبر“ نالو رکڻ ڪيئن آهي؟

جواب: اذان سان لفظِ ”محمد“ جو ڪو جوڙ نہ آهي، اهو نالو رکڻ توڙي جو ناجائز ۽ گناه نہ آهي، پر اهو هڪ عبادت جو نالو آهي، لهٰذا اهو نالو رکڻ مناسب نہ آهي، جيڪڏهن ڪنهن رکي ورتو آهي ته هن سان لفظِ ”محمد“ شامل نہ ڪيو وڃي. اهڙي طرح ”محمد سبحان “ نالو نہ رکيو وڃي، بلڪ ”عبد السبحان“ رکيو وڃي. پڻ ”محمد صبر“ جي بدران ”محمد صابر“ نالو رکڻ گهرجي، ڇو ته سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ ڪير صابر ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن ته

صبر هڪ صفت آهي.

(هن موقعي تي مفتي صاحب جن فرمايو:) صبر صابر جي معنيٰ ۾ به چئي سگهجي ٿو، جنهن جو مطلب ٿيندو ”تمام گهڻو صبر ڪرڻ وارو.“ عربي جو قاعدو آهي ته مبالغي جي لاءِ اهڙين صفتن ڪي مصدر آندو ويندو آهي، البت! اهڙا نالا اسان وٽ مشهور نه آهن، تنهنڪري اهڙا نالا نه رکڻ گهرجن.

(امير اهلِ سُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن فرمايو:) دراصل مسئلو هي آهي ته ماڻهو Unique نالو رکڻ پسند ڪن ٿا. اسان ”اذان“ نالو رکڻ کان منع ڪيو آهي ته ماڻهو پنهنجي ذهن ۾ ”تڪبير“ يا ”اقامت“ نالو رکي ڇڏيندا! ايستائين جو Unique نالو رکڻ جو ايترو شوق آهي جو هڪ اخبار جي مطابق ڪنهن پنهنجي ٻار جو نالو ئي ”ڪورونا “ رکيو آهي! بهر حال اڄوڪي دور ۾ اهو ئي نالو پسند ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ ماڻهو تعجب ڪن، ان جي معنيٰ پڇن. ياد رکو! اهو Uniqu نالو رکڻ ۾ ڪو حرج نه آهي، جنهن جي معنيٰ اخلاقي ۽ شرعي اعتبار سان بُري نه هجي. بهتر اهو آهي ته جيڪي نالا حديث سڳورين ۾ آيا هجن يا حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نالي تي هجن، مثال طور محمد يا احمد نالو رکيو وڃي. مڪتبة المدينه جي ڪتاب ”نالو رکڻ جا احڪام“ ۾ نالن جي ڊگهي فهرست موجود آهي، اهو ڪتاب مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪيو، يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تان ڊاؤن لوڊ ڪيو ۽ هن مان ٻارن جي نالن جي چونڊ ڪيو. (ملفوظاتِ اميرِاهلِ سنت، قسط:156)

سوال: ڇا رَملہ نالو رکي سگهون ٿا؟

جواب: رَملہ نالو رکي سگھون ٿا ڇو تہ ڪوڙ صحابيات رَضِیَ اللہُ عَنۡھُنَّ جو نالو رَملہ آهي پر بَرڪت تڏهن ئي ملندي جڏهن ان نيت سان نالو رکنداسين تہ هن ۾ صحابيات رَضِیَ اللہُ عَنۡھُنَّ سان نسبت آهي. بهرحال پنهنجي ٻارن جا نالا نبي سڳورن عَلَیۡھِمُ السَّلَام، صحابي سڳورن رَضِیَ اللہُ عَنۡھُمۡ ۽ بزرگانِ دِين رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡھِمۡ جي نالن تي رکيا وڃن ۽ ٻارڙين جا نالا صالحات، وليائين ۽ نيڪ بيبين رَضِیَ اللہُ عَنۡھُنَّ جي نالن تي رکيا وڃن، ڇو تہ هن سان بَرڪت ٿيندي آهي. (ملفوظاتِ امیرِ اھلِ سنت، قسط:91)

سوال: مون پنهنجي مَدَني مني جو اصل نالو محمد رکيو آهي ۽ سڏڻ جي لاءِ واصِف رضا، هاڻي ڇا واصِف رضا کان پهريان محمد لڳائي سگهان ٿو؟

جواب: جيڪڏهن بَرڪت جي نيت سان ”محمد“ نالو رکيو تہ وڏي فضيلت وارو ڪم ڪيو آهي. واصِف رضا جي معنيٰ آهي: رضا جي واکاڻ ڪرڻ وارو. هاڻي هتي اهو ڏٺو ويندو تہ محمد، رضا جي واکاڻ ڪن ٿا، ان ڪري اِحتياط هن ۾ آهي تہ واصِف رضا الڳ سان پڪاريو وڃي. محمد واصِف رضا نہ چوڻ مناسب آهي ۽ جيڪڏهن چيو وڃي تڏهن بہ ڪو حرج ۽ گناهہ نہ آهي. (ملفوظاتِ امیرِ اھلِ سنت، قسط:30)

سوال: ڇا جانِ عالَم نالو رکي سگھون ٿا؟

جواب: اللہ پاڪ کانسِواءِ جيڪو ڪجھ بہ آهي ان کي عالَم چيو ويندو آهي ۽ اُن سيني جي جان يعني پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي جانِ عالَم چيو ويندو آهي. (هن موقعي تي مَدَني مذاڪري ۾ شريڪ مفتي صاحب جن فرمايو:) عام طور تي جانِ عالَم، نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

جي لاءِ چيو ويندو آهي ۽ جانِ عالَم نالو رکڻ غالباً مسلمانن ۾ رائج به نه آهي، ۽ هن نالي ۾ تزکيه يعني پنهنجي نفس جي وڏائي بيان ڪرڻ به آهي لهٰذا اهڙو نالو نه رکڻ گهرجي. (بهارِ شريعت، 604/3، حصه:16، ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، 242/2)

سوال: مون نياڻي جو نالو اُمُّ الْقُرىٰ رکيو آهي ته ڇا اهو نالو رکڻ صحيح آهي ؟

جواب: ننڍڙيءِ جو نالو ”اُمُّ الْقُرىٰ“رکڻ ۾ ڪو حرج نه آهي. مکي پاڪ جو هڪ نالو ”اُمُّ الْقُرىٰ“ به آهي. (بخاري، 296/3، حديث:4772) (ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، 457/2)

سوال: منهنجي گهر ۾ نياڻي جي وِلادت ٿي آهي، ڇا مان ان جو نالو ”مَشعل“ رکي سگهان ٿو؟ هن جي معنىٰ به ٻڌايو. (SMS جي ذريعي سُوال)

جواب: مَشعل باه جي ٽيندي آهي ۽ اها سني شيءِ آهي، بُري شيءِ نه آهي. جيئن ”مَشعلِ راه“ چيو ويندو آهي، يعني راه ڏيکارڻ واري روشني. ”مشعل“ نالو رکڻ شرعاً جائز آهي، پر ڇوڪرين جا نالا اهي رکڻ گهرجن جيڪي صحابيات، وَلِيّات ۽ صالحات يعني نيڪ ٻانهين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ جا نالا هجن، اهڙا نالا بَرَڪت جو سبب ٿين ٿا. مشعل مان باه به ته لڳي سگهي ٿي، خطرو موجود آهي. ان ڪري اهي نالا رکو جنهن ۾ خطرو نه هجي. Peaceful (پُر اَمن) نالا رکو، سيني صحابيات رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ جا نالا Peaceful آهن. بَرَڪت جي نيت سان رکنداسين ته اِن شاءَ الله بَرَڪت پڻ ملندي.

(ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت،قسط: 90)

سوال: ڇا عبدُ الحرير نالو رکي سگھون ٿا؟ (اسلامي ڀيڻ جو سُوال)

جواب: حرير جي معنيٰ ريشم جي آهي تہ عبدُ الحرير جي معنيٰ ٿيندي ريشم جو ٻانهو، اهو نالو بہ Unique (منفرد) جي چڪر ۾ رکيو ويو هوندو. جيڪڏهن عبدُ الحرير جي بدران ٻيو ڪو نالو رکڻو هجي تہ عبدُ القدير نالو رکي سگھجي ٿو پر هن ۾ مسئلو هي آهي تہ ماڻهو عبد هٽائي صرف قدير چوڻ شروع ڪري ڇڏين ٿا ۽ الله پاڪ کان سِواءِ ڪنهن کي قدير چوڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ڇو تہ هي الله پاڪ جي خاص صفت آهي. (فتاويٰ مصطفويه، ص89-90، ماخوذاً وملخصاً)

نصير نالو رکي سگھون ٿا ڇو تہ ٻانهي کي نصير چوڻ ۾ حرج نہ آهي. اهڙي طرح جرير نالو بہ رکي سگھون ٿا، هي هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جو پڻ نالو آهي. (ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:99)

سوال: مون پنهنجي نياڻي جو نالو ” نسوان“ رکيو آهي اهو نالو نيڪ آهي يا نہ؟

جواب: هن جي ڪا فضيلت نہ آهي پر اهو نالو رکيو تہ گناهگار بہ نہ ٿيندو. (ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:59)

سوال: ڇا اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪنيت ”اَبُو القاسِم“ کي پنهنجي ٻارن جي نالي جي طور رکي سگھون ٿا؟

جواب: جي ها! ”اَبُو القاسِم“ نالو رکڻ جائز آهي. (فتاويٰ رضويه، 16/560)

(ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت، قسط:217)

*************

نوٽ: صفحه 1، 13 جا سوال ۽ صفحي 4 جو آخري سوال شعبهِ ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت جي طرفان ڏنا ويا آهن، البت جواب اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ئي عطا ڪيل آهن.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ **”مدني انعامات“** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **”مدني قافلن“** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net